# ٽي پسنديده صِفتون

**03-June-2021**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

3 جون 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# ٿي پسنديده صِفتون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھندؤ!

- ❖ الله پاڪ جي ٻانهي سان محبت جي معنيٰ ۽ محبوبِ الٰهي جون فضيلتون
- ❖ الله پاڪ جو محبوب بنائڻ واريون ٽي صفتون
- ❖ تقويٰ جي فضيلت ۽ فائدا ۽ متقي بڻجڻ جا طريقا
- ❖ ”غني“ ڪنهن کي چوندا آهن؟ غني بڻجڻ جا طريقا
- ❖ گمنامي ڇا آهي؟ گمنامي جون فضيلتون ۽ فائدا

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ٿي پسنديده صِفتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناهه گاهه آهي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَ الله! شيطان کان به حفاظت ٿيندي، گُناهن کان به محفوظ رهندا. هڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏهن به مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت به ڪري وٺو! ان جا ٻه 2 فائدا ٿيندا: پهريون اهو ته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ٻيو اهو جو مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا ته ضمناً اهي شيون به جائِز ٿي وينديون.**

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو ڏينهن ۾ مون تي هڪ هزار ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهي، اهو ان وقت تائين نه مرندو، جيستائين جنت ۾ پنهنجو مقام نه ڏسي وٺي.** (الترغيب فى فضائل الاعمال، صفحه:14، حديث:19)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَفۡضَلُ الۡعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ سچي نيت اَفضَل تَرين عَمل آهي.
(جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284۔)

اي عاشقانِ رسول! هر جائز ڪم کان پهريان سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت بنائڻ گهرجي، ڇوته سٺي نيت انسان کي جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان بہ سنيون سنيون نيتون ڪري ونو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ عِلۡم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ اَدَب سان ويهندس. ❖ بيان دروان سُستي کان بچندس. ❖ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس. ❖ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سَعد بِن اَبِي وَقّاص رَضِیَ اللهُ عَنۡه صحابيءِ رَسُول آهن ۽ اُنهن 10 خوش نصيب صحابي سڳورن مان آهن، جن کي مالِڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ دُنيا ۾ ئي جنّت جي بشارت عطا فرمائي. پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡه وڏا بهادر، جوشِ ايماني رکندڙ، وڏا متقي، پرهيز گار ۽ عِبَادت گذار هئا. هڪ ڏينهن حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنۡه پنهنجي جانورن جي سارسنڀال لهي رهيا هئا تہ سندن پٽ عُمر بن سَعد اچي چيو: بابا سائين...! اوهان هتي اُنن ٻڪرين جي سار سنڀار لهي رهيا آهيو جڏهن تہ ماڻهو اتي خلافت جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن، حضرت سَعد بِن اَبِي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنۡه پنهنجي پٽ جي سيني تي هٿ هڻندي فرمايائون: ”اُسۡكُت“ خاموش ٿيءُ...! پوءِ حضرت سَعد بِن اَبِي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنۡه هڪ حديثِ پاڪ ٻُڌائي، فرمايائون: مون آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻُڌو تہ اِنَّ اللهَ يحِبُّ العَبدَ التَّقِي الغَنِي الخَفِي بيشڪ الله پاڪ تقويٰ واري، غَني ۽ گمنام شخص سان محبت فرمائي ٿو. (مسلم، ڪتاب: الزہد، صفحہ:1135، حديث:2965)

مٹا میرے رنج والم یاالٰہی! | عطا کر مجھے اپنا غم یاالٰہی
شرابِ محبت کچھ ایسی پلا دے | کبھی بھی نشہ ہو نہ کم یاالٰہی
نہ دے تاجِ شاہی، نہ دے بادشاہی | بنا دے گدائے حرم یاالٰہی [1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اللّٰه پاڪ جي محبوب ٻانهي جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اها هڪ مختصر حديثِ پاڪ جيڪا حضرتِ سَعد بِن اَبِي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ پنهنجي پٽ کي ٻُڌائي ۽ ان کي سبق ڏنو تہ دُنيا ۾ مقام ۽ مرتبي ۽ منصب جي خواهش ڪرڻ فضيلت جي ڳالهہ ناهي، بلڪ تقويٰ اختيار ڪرڻ، غني ٿيڻ ۽ گمنام رهڻ فضيلت جو سبب آهي. هن حديثِ پاڪ مان خبر پئي تہ جنهن شخص ۾ اهي ٽي وصفون هجن، اهو اللّٰه پاڪ جو مَحبُوب ٻانهو بڻجي ويندو آهي.

هن ڪان پهريان جو اسان هنن ٽن وصفن جي الڳ الڳ وضاحت ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون، 2 مدني گل ذهن نشين ڪري ڇڏيو:

**پهرين نمبر تي** اها ڳالهہ سمجهڻ جي آهي تہ اللّٰه پاڪ جي ٻانهي سان محبت جو مطلب ڇا آهي؟ حُجَّةُ الاِسلَام، امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هن جو هڪ مطلب اهو بيان فرمايو آهي تہ اللّٰه پاڪ جي پنهنجي ٻانهي سان محبت اها آهي تہ اللّٰه پاڪ ٻانهي جي لاءِ پنهنجي قُرب جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي. (احياءالعلوم، جلد:5، صفحہ:105)

**ٻيو مدني گل** جيڪو هن مقام تي ذهن ۾ رکڻو آهي اهو هي تہ هڪ آهي: **ٻانهي جو اللّٰه پاڪ سان محبت ڪرڻ.** اها بہ وڏي فضيلت جي ڳالهہ آهي، وڏي

1...وسائل بخشش، صفحہ:109ملتقطاً۔

شان ۽ عظمت جي ڳالهه آهي پر ان کان وڌيڪ فضيلت واري، ان کان وڌيڪ عظمت ۽ شان واري ڳالهه اها آهي ته **الله پاڪ پنهنجي ٻانهي سان محبت ڪري.** ٻانهو ته ٻانهو آهي، ٻانهو پنهنجي خالق سان محبت ڪري، پنهنجي مالڪ سان محبت ڪري، پنهنجي رَبّ سان، پنهنجي پالڻهار سان، پنهنجي رَازِق سان محبت ڪري، اهو ٻانهي جو حق ٿئي ٿو پر الله پاڪ رَبّ ٿي، خالِق ۽ مالِڪ ٿي پنهنجي ٻانهي سان محبت فرمائي ته اها وڌيڪ فضيلت ۽ شان واري ڳالهه آهي.

"بُخاري شريف" ۾ هڪ حديث قدسي آهي، الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: مَایَزَالُ عَبۡدِی یَتَقَرَّبُ اِلَیَّ بِالنَّوَافِلِ ٻانهو نفلن جي ذريعي منهنجو قُرب حاصل ڪندو رهي ٿو، حَتّٰی اُحِبُّه ايستائين جو مان (الله پاڪ) ان سان محبت ڪرڻ لڳان ٿو، فَاِذَا اَحبَبۡتُه پوءِ جڏهن مان ٻانهي سان محبت ڪيان ٿو ته کنتُ سَمۡعَه الَّذِی یسمَعُ بِہٖ مان ان ٻانهي جا ڪن بڻجي ويندو آهيان جن سان هو ٻڌندو آهي، وَبَصَرَہ الَّذِی یبصِرُ بِہٖ، ان ٻانهي جي اک بڻجي ويندو آهيان جنهن سان هو ڏسندو آهي، وَیدَہ الَّتِی یبطِشُ بِها مان ان جا هٿ ٿي ويندو آهيان جن سان هو پڪڙيندو آهي، وَرِجلَہ الَّتِی یمشِی بِها ۽ مان ان جا پير ٿي ويندو آهيان جن سان هو هلندو آهي. (بخاری، کتابُ:الرِّقَاق، بابُ:التَّوَاضُع، صفحہ:1597، حدیث:6502) هڪ ٻي روايت ۾ آهي: وَفُؤَادَہ الَّذِی یعقِلُ بِہٖ مان ان ٻانهي جي دل ٿي ويندو آهيان جنهن سان اهو سوچندو ۽ سمجهندو آهي، وَلِسَانَہ الَّذِی یتَکَلَّمُ بِہٖ ۽ مان ان ٻانهي جي زبان ٿي ويندو آهيان جنهن سان اهو گفتگو ڪندو آهي، اِن دَعَانِی اَجَبتُه جيڪڏهن اهو ٻانهو مون کان دُعا ڪري ته مان ان جي دُعا پُوري ڪندو آهيان، وَاِن سَاَلَنِی اَعطَیتُه ۽ جيڪڏهن منهنجو محبوب ٻانهو مون کان ڪنهن شيءِ جو سُوال ڪري ته مان ان کي عطا ڪندو آهيان. (موسُوعہ اِبْنِ ابی دُنیا، رسالہ: الاَوْلیاء، جلد:2، صفحہ:399، حدیث:45)

**اي عاشقان رسول!** هن حديثِ پاڪ جي مطابق الله پاڪ جو ٻانهي جا ڪن، اک، زبان، هٿ، پير، دِل ۽ زبان بڻجي وڃڻ جو اهو مطلب هر گز نه آهي ته

مَعَاذَالله! الله پاڪ ٻانهي ۾ سرايت ڪري ويندو آهي، نہ، نہ، ايئن هر گز نہ آهي. حديثِ پاڪ جو هڪ مطلب جيڪو عالم سڳورن بيان فرمايو اهو هي آهي تہ جڏهن الله پاڪ ٻانهي سان محبت فرمائيندو آهي تہ ان کي پنهنجي قرب سان نوازيندو آهي، ايستائين جو ٻانهو ”فَنَا فِي الله“ جي درجي تائين پهچي ويندو آهي، پوءِ ان جي عضوئن ۾ خدائي طاقتون اچي وينديون آهن، ۽ اهو اهڙا ڪم ڪري وٺندو آهي جن تائين عقل پهچي ناهي سگهندو، اهو ٻانهو صِفَاتِ الٰهي جو مظهر ٿي ويندو آهي، هاڻي ان جو اهو شان هوندو آهي جو ❖ اهو ڏسندو تہ پنهنجي ئي اک سان آهي پر اُن جي اک ۾ نورِ الٰهي جلوه گر ٿي ويندو آهي، تنهنڪري اهو ويجهو کي بہ ڏسندو آهي، پري کي بہ ڏسندو آهي، ظاهر کي بہ ڏسندو آهي، پوشيده کي بہ ڏسندو آهي، ❖ ٻانهو ٻڌندو تہ پنهنجي ڪن ئي سان آهي پر ان جو ٻُڌڻ الله پاڪ جي صِفَّتِ ”سَمِيع“ جو مظهر ٿي ويندو آهي، ان جي سماعت خُدائي طاقت جو مظهر ٿي ويندي آهي، تنهنڪري اهو پري جو آواز بہ ٻڌندو آهي، ويجهو وارو بہ ٻڌندو آهي، ❖ اهڙي طرح هو پڪڙيندو تہ پنهنجي هٿ سان آهي پر ان جو پڪڙڻ الله پاڪ جي صفتِ ”بَطش (يعني گرفت فرمائڻ جي صِفَّت)“ جو مظهر ٿي ويندو آهي، ❖ هو هلندو تہ پنهنجي ئي پيرن سان آهي پر ان جي پيرن ۾ خُدائي طاقت رکي ويندي آهي، ❖ هو سوچيندو سمجهندو تہ پنهنجي ئي دِل سان آهي پر ان جي سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت ۾ خُدائي طاقت رکي ويندي آهي، ❖ هو ڳالهائيندو تہ پنهنجي زبان سان آهي پر ان جي ڳالهائڻ ۾ خدائي جي طاقت رکي ويندي آهي. اسان جي آقا ومولیٰ، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن قيامت تائين جا واقعا اکين سان ڏسي ورتا، حضرت يعقوب عَلَيهِ السَّلَام ڪنعان ۾ وينا هئا پر يوسُف عَلَيهِ السَّلَام جي مصر کان ايندڙ قميص مبارڪ جي خوشبو سونگهي ورتي، حضرت سليمان عَلَيهِ السَّلَام ٽن ميل جي مفاصلي کان ڪِول جو آواز ٻُڌي ورتو، سندن وزير حضرت آصف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اک چنيڻ جي دير ۾ يمن کان تختِ بلقيس کڻي ملڪ شام ۾ حاضِر ڪري ڏنو، امير المؤمنين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه مدينہ منوره ۾ خطبو پڙهندي

”نهاوند“ ۾ اسلامي لشڪر جا حالات ڏسي ٻه ورتا ۽ اُنهن تائين پنهنجو آواز پهچائي ٻه ڇڏيو، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هر جمعرات تي بريلي شريف کان مدينہ منوره حاضِري ڏيندا هئا، اهو سڀ انهيءَ خُدائي طاقت جا ڪرشما آهن، جيڪو الله پاڪ پنهنجي محبوب ٻانهن کي عطا ڪندو آهي. (مرآۃ المَناجيح، جلد:3، صفحہ:490) مولانا رُوم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

گُفْتَۂِ اُوْ گُفْتَۂِ اللهَ بَوَد | گَرچِہ اَزْ حُلْقُومِ عَبْدُ الله بَوَد

يعني: الله پاڪ جي محبوب ٻانهي جي زبان مان نڪتل ڳالھ، حقيقت ۾ الله پاڪ ئي جو فرمان هوندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اهو آهي ان شخص جو شان جنهن سان الله پاڪ محبت ڪري ٿو ۽ الله پاڪ ڪهڙي شخص سان محبت ڪري ٿو؟ اسان شروع ۾ حديثِ پاڪ ٻُڌي، الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ 3 صِفتون بيان ڪري فرمايو تہ جنهن شخص ۾ اهي صِفتون هونديون، الله پاڪ اُن شخص سان محبت ڪندو آهي.

**پهرين صِفَّت: تقويٰ. ٻي صفت: غِنَا. ۽ ٽئين صفت آهي: گمنامي.**

محبت میں اپنی گما یاالٰہی | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی
رہوں مَسْت و بےخود میں تیری وِلا میں | پلا جام ایسا پلا یاالٰہی
مرے دِل سے دُنیا کی چاہت مٹا کر | کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی
بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ | گناہوں سے ہردَم بچا یاالٰہی (1)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1...وسائل بخشش، صفحہ:105ملتقطًا۔

هاڻي اچو! انهن 3 پسنديده صِفتن جي وَضَاحت ٻڌون ٿا:

## پهرين پسنديده صفت: تقويٰ

پهرين صفت آهي: تقوي. سيپاري 3، سوره آلِ عمران، آيت: 76 ۾ ارشاد آهي:

فَاِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۷۶﴾ (پاره3،سورۃ آلِ عمران:76)

ترجمو كنزُ العِرفان: بيشڪ الله پرهيزگارن سان محبت ڪري ٿو.

پيارا اسلامي ڀائرو! تقويٰ بندگي جي اصل آهي، امام فخرُ الدّين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن باري ۾ هڪ علمي نڪتو بيان ڪيو آهي، لکن ٿا: اللهَ پاڪ هڪ هنڌ قرآنِ ڪريم جي اها صِفَّت بيان ڪئي ته قرآنِ ڪريم تقويٰ وارن جي لاءِ هدايت آهي، ارشاد آهي:

هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿۲﴾ (پاره1،سورۃ البقره:2)

ترجمو ڪنزالايمان: ڊپ وارن جي لاءِ هدايت آهي

ٻي هنڌ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

هُدًى لِّلنَّاسِ (پاره2،سورۃ البقره:185)

ترجمو ڪنزالايمان: ماڻهن جي لاءِ هدايت آهي

امام رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هنن ٻنهي آيتن کي ملايو وڃي ته نتيجو اهو نڪرندو ته حقيقت ۾ اِنسان سڏائڻ جو حقدار اهو ٻانهو آهي جيڪو متقي آهي، جيڪو متقي ناهي اهو حقيقت ۾ اِنسان چورائڻ جو به حق دار ناهي. (تفسيرڪبير، پاره:1،سورۃ بقره، زيرِ آيت:2، جلد:1، صفحه:268)

هن ڳالهه کي هڪ مثال مان سمجهو! مثال جي طور تي هڪ بَس مڪه مڪرمه کان مدينه منوره ڏانهن وڃي رهي آهي ۽ ان ۾ 72 مُسَافِر ويٺل آهن، جيڪڏهن ڪو شخص چوي ته ڊرائيور 72 مُسَافِرن کي مدينه منوره وٺي وڃي

رهيو آهي، تہ اهو بہ دُرُست آهي ۽ جيڪڏهن ڪو چوي تہ ڊرائيور پُوري بَس کي مڪي کان مديني وٺي وڃي رهيو آهي تہ اها ڳالهہ بہ دُرُست آهي، ٻنهي جو مطلب هڪ ئي ٿيندو تہ 72 مُسَافِر جيڪي بَس ۾ ويٺل آهن، ڊرائيور بَس کي هلائيندي انهن کي مڪي شريف کان مديني پاڪ وٺي وڃي رهيو آهي.

اهڙي طرح اللہ پاڪ هڪ هنڌ تي ارشاد فرمايو تہ قرآنِ ڪريم تمام انسانن جي لاءِ هدايت آهي، ٻي هنڌ فرمايو: قرآنِ ڪريم متقي ماڻهن جي لاءِ هدايت آهي. انهن ٻنهي آيتن کي ملايو وڃي تہ مطلب اهو نڪرندو تہ جيڪو اِنسَان آهي اهو ئي متقي آهي ۽ جيڪو متقي آهي اهو ئي حقيقت ۾ اِنسان سڏائڻ جو حق دار آهي.

عالم سڳورن تقويٰ جا ست (7) درجا بيان ڪيا آهن، انهن مان پهريون درجو آهي: ايمان. يعني جنهن شخص سچي دِل سان ڪلمو پڙهي ورتو، دائرهِ اسلام ۾ داخِل ٿي ويو، توڙي جو ان جي تقويٰ ابتدائي درجي جي آهي پر اهو متقي ئي چئبو. پر اهو شخص جنهن ڪلمو ئي نہ پڙهيو، ڪفر جي دلدل ئي ۾ ڦاٿل آهي، هي اهو آهي جنهن جي اندر ذري برابر بہ تقويٰ نہ آهي، ان جي باري ۾ اللہ پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

اُولٰٓىٕكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ

(پاره9،سورۃالاعراف:179)

ترجمو ڪنزالايمان: اهي چؤپاين وانگر آهن بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ

خبر پئي تہ..!! جنهن ۾ ذري برابر بہ تقويٰ نہ آهي يعني جيڪو ڪافِر آهي، جيڪو غير مُسلِم آهي، اهو ظاهر ۾ جيتوڻيڪ انسان ئي آهي، ان جا هٿ آهن، پير آهن، اکيون، نڪ، وات، ڪن سڀ ڪجھ آهي، شڪل ۽ صُورت سڄي انسانن جهڙي ئي آهي پر هو انسان سڏائڻ جو حق دار نہ آهي بلڪ انساني شڪل ۾ جانور بلڪ جانورن کان بہ بَدتَر آهي، ڇوتہ جانور تہ پنهنجي خالق ۽ مالڪ کي سڃاڻن ٿا ۽ ان کي مڃن ٿا پر اهو بدبخت عقل رکندي بہ پنهنجي

خالق ۽ مالڪ جو انڪار ڪري رهيو آهي. مَعلُوم ٿيو ته اسان الله پاڪ جا ٻانها آهيون ۽ بندگي جي اَصل آهي: تقوي.

| | |
|---|---|
| دے حُسنِ اخلاق کی دولت | کر دے عطا اخلاص کی نعمت |
| مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا | یاالله! میری جھولی بھردے [1] |

## تقويٰ نيڪي جي اصل آهي

**اي عاشقان رسول!** جهڙي طرح بندگي جي اَصل تقوي آهي، اهڙي طرح نيڪي جي اَصل بہ تقويٰ آهي. الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ لَيْسَ الْبِرُّ بِاَنْ تَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ ظُهُوْرِهَا وَ لٰكِنَّ الْبِرَّ مَنِ اتَّقٰى ۚ (پاره2،سورة البقرة:189) | ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اها ڪا نيڪي ناهي جو توهان گهرن ۾ پوئين پٽ پيجي اچو، ۽ ها! اصل نيڪ تہ پرهيزگار هوندو آهي. |

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: جاهليت واري زماني ۾ ماڻهن جي اها عادت هئي تہ جڏهن هو حج جي لاءِ اِحرام ٻڌندا هئا، پوءِ جيڪڏهن انهن کي ڪنهن ضرورت ڪارڻ پنهنجي گهر وڃڻو هوندو هو تہ گهر جي دروازي مان داخِل نہ ٿيندا هئا بلڪ گهر جي پوئين ديوار ٽوڙي اندر ايندا هئا ۽ ان ڪم کي نيڪي سمجهندا هئا، ان تي اها آيت نازِل ٿي ۽ الله پاڪ فرمايو: اها ڪا نيڪي ناهي تہ توهان گهرن جي پوئين پاسي کان اچو، اَصل نيڪي تقويٰ آهي. (صراط الجنان، پاره:1، سورهٔ بقره، زيرِ آيت: 189، جلد:1، صفحہ:304)

مَعلُوم ٿيو اَصل ۾ نيڪوڪار اهو شخص آهي جيڪو تقويٰ وارو آهي ۽ اها واضِح ڳالهہ آهي: ❖ حقيقت ۾ پابندي سان نماز اهو پڙهي سگهي ٿو جنهن ۾ خوفِ خُدا موجود هجي نہ تہ ڪيترا ئي اهڙا آهن جن کي فرصت مِلي تہ نماز

---

1...وسائل بخشش، صفحہ:123ملتقطًا۔

پڙهندا آهن، نہ ملي تہ مَعَاذَ الله! نمازون قضا كندا آهن، كيترا اهڙا آهن جيكي مسجد ۾ ايندا تہ نمازون پڙهڻ آهن پر غيبتون كري، چغليون كري، مسجد جي بي ادبي كري، مسجد ۾ دُنياوي ڳالهيون كري گُنَاهن جي پَري مٿي تي کڻي واپس موٽندا آهن. ❖ روزو بہ حقيقت ۾ اهو ئي ركي سگهي ٿو جنهن جي دِل ۾ تقويٰ آهي، نہ تہ كيترا ئي روزي دار اهڙا آهن جيكي روزي ۾ ٽائم پاس جي نالي تي فضوليات ۾ مشغول هوندا آهن، بلكہ كيئي تہ روزو ركي گُنَاهہ كرڻ كان بہ ناهن مُڙندا. ❖ حج بہ حقيقت ۾ اهو ئي كندو آهي جنهن جي دِل ۾ تقويٰ آهي، نہ تہ كيئي اهڙا آهن جيكي طواف دوران بہ رڳو سيلفيون كڍڻ ۾ مَشغول رهن ٿا، اهڙي طرح صدقو، خيرات، غريبن جي مدد، ٻين سان نيك سلوك وغيره اهي سمورا نيك عمل حقيقت ۾ اهو ئي كري سگهي ٿو جنهن جي دِل ۾ تقويٰ هجي، نہ تہ كيترائي اهڙا آهن جيكي نيكي كري بہ ثواب ضايع كري ڇڏيندا آهن، كڏهن رياكاري ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن، كڏهن صدقو ۽ خيرات كري احسان جتائڻ لڳندا آهن.

مطلب تہ حقيقت ۾ نيكو كار اهو ئي آهي جنهن جي دِل ۾ تقويٰ آهي. حضرت ابراهيم تيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان موت كي ياد كرڻ جي لاءِ كثرت سان قبرستان ۾ ويندو هئس، هك رات قبرستان ۾ هئس تہ مون كي ننڊ اچي وئي ۽ مان سمهي پيس، مون خواب ڏٺو: هك كليل قبر آهي ۽ كو چوڻ وارو چئي رهيو آهي: اها زنجير پكڙيو ۽ ان جي وات ۾ داخِل كري هينان كان كڍو. ان تي اهو مُردو چوڻ لڳو: يا الله پاك! ڇا مان قرآن نہ پڙهندو هئس؟ ڇا مان تنهنجي حُرمت واري گهر جو حج كونہ كندو هئس؟ پوءِ هو اهڙي طرح هك كان پوءِ ٻي نيكي ڳڻائڻ لڳو تہ هك چوڻ واري ان كي پُكاري چيو: تون ماڻهن جي اڳيان اهي عمل كندين هئين پر جڏهن تون تنهائي ۾ هوندو هئين تہ نافرمانين جي ذريعي مون سان جنگ جو اعلان كندو هئين.

ہوں بظاہر بڑا نیک صُورت | کر بھی دے مجھ کو اب نیک سیرت

ظاہِر اچھا ہے، باطِن بُرا ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے[1]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آخرت جي تقسيم تقويٰ تي ڪئي وئي آهي

تَصَوُّف جي مشهور ڪتاب ”رِسَالَہ قُشَيرِيہ“ ۾ آهي، حضرت شيخ ڪتَّانِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: دُنيا جي تقسيم آزمائش تي ڪئي وئي آهي ۽ آخرت جي تقسيم تقويٰ تي ڪئي وئي آهي. (رسالہ قشیریہ، تقویٰ کا بیان، صفحہ:219) يعني دُنيا ۾ عِزَّت، مان مرتبو، بلندي، ترقي، ڪاميابي اُن کي ملندي آهي جيڪو گھڻي محنت ڪري ٿو جڏهن تہ آخرت ۾ بلند درجات، وڌيڪ عِزَّت، وڌيڪ مقام ۽ مرتبو ان کي ملندو جيڪو وڌيڪ تقويٰ وارو هوندو. جيئن سيپاري: 12، سوره هود، آيت: 49 ۾ ارشاد آهي:

اِنَّ الْعَاقِبَةَ لِلْمُتَّقِيْنَ ۠ (پاره12،سورۃهود:49)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ چڱي پڇاڙي پرهيزگارن جي لاءِ آهي.

هڪ هنڌ الله پاڪ جنّت جي باري ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۳۳﴾ۙ (پاره4،سورۃآل عمران:133)

ترجموڪنزالايمان: اها پرهيزگارن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.

سُبحٰنَ الله! معلوم ٿيو الله پاڪ جنّت بڻائي ئي تقويٰ وارن جي لاءِ آهي، لھٰذا جيڪو گھڻو متقي هوندو، ان کي جنّت ۾ وڌيڪ بلند درجات نصيب ٿيندا، ان کي گھڻيون نعمتون ملنديون.

## تقويٰ بابت مزيد فضيلتون ۽ فائدا

حُجَّة الاِسلَام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقويٰ جا فائدا بيان

---

1...وسائل بخشش، صفحہ:135۔

ڪندي فرمائن ٿا: ❖ تقويٰ وارا اهي آهن جن جي واڪاڻ اللہ پاڪ ڪندو آهي ❖ تقويٰ وارا اهي آهن جن جي اللہ پاڪ دُشمنن کان حفاظت فرمائيندو آهي ❖ تقويٰ وارن کي اللہ پاڪ جي طرفان خصوصي تائيد ۽ نُصرت ملندي آهي ❖ تقويٰ وارن کي اُنهن جي تقويٰ جي برڪت سان دُنيا ۾ حلال رزق نصيب ٿيندو آهي. ❖ تقويٰ جي برڪت سان عملن جي اِصلاح ٿي ويندي آهي ❖ تقويٰ جي برڪت سان گُناهہ مُعاف ٿيندا آهن ❖ تقويٰ جي برڪت سان نيڪيون قبول ٿينديون آهن ❖ تقويٰ وارا آخرت جي هولناڪين کان محفوظ رهندا. ❖ تقويٰ وارا اللہ پاڪ جا محبوب بانها آهن. ❖ تقويٰ وارا اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ وڏيڪ عزت وارا آهن. ❖ تقويٰ وارن کي موت جي وقت اللہ پاڪ جو ديدار نصيب ٿيندو آهي. ❖ تقويٰ وارن کي موت جي وقت عذابِ آخرت کان نجات جي بشارت ڏني ويندي آهي. ❖ تقويٰ وارا جهنّم کان محفوظ رهندا. ❖ تقويٰ وارا هميشہ هميشہ جنّت ۾ رهندا. (منهاج العابدين، صفحہ:144تا148)

ہو اخلاق اچھا، ہو کردار ستھرا | مجھے متقی تو بنا یااِلٰہی! [1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تقويٰ ڇا آهي؟

هڪ ڏينهن امير المؤمنين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حضرت ڪعبُ الاَحبَار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي فرمايو: اي ڪعب! ٻڌايو تقويٰ ڇا آهي؟ حضرت ڪعبُ الاَحبَار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ عرض ڪيو: اي امير المؤمنين! ڇا اوهان ڪڏهن اهڙي راهہ تان گذريا آهيو جتي ڪنڊيدار جهاڙيون هجن؟ امير المؤمنين حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جن فرمايو: ها، بلڪل منهنجو اهڙين راهن تان گذر ٿيو آهي. حضرت ڪعب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ چيو: تڏهن اوهان اهڙين راهن تان ڪيئن گذرندا آهيو؟ ارشاد فرمايائون: مان ڪنڊن کان بچندو آهيان ۽ پنهنجا ڪپڙا سنڀالي ويندو آهيان.

---

1...وسائل بخشش، صفحہ:104۔

حضرت ڪعب رضی اللہ عنہ عرض ڪيو: ذٰلِكَ التَّقْوٰى اي امير المؤمنين! بَس اها ئي تقويٰ آهي. (تفسیرِ بغوی، پارہ:1، سورۂ بقرہ، زیرِ آیت:2، جلد:1، صفحہ:13)

مطلب اهو تہ اسان هن دُنيا ۾ آياسون، الله پاڪ اسان کي پاڪيزه روح عطا ڪيو، پاڪ صاف دل عطا ڪئي، هاڻي اسان هن دُنيا مان گذري آخرت ڏانهن وڃي رهيا آهيون، ڇڻ تہ هيءَ دُنيا هڪ راهہ آهي ۽ هن راهہ تي ڪنڊيدار جهاڙيون آهن، هڪ پاسي شيطان آهي، هڪ پاسي نفس آهي، هڪ پاسي دنيا جي محبت آهي، هڪ طرف مال جي محبت آهي، حَسَد، بغض، ڪينو، خواهش پرستي وغيره وغيره هزارين گُناهہ ۽ هزارين گُنَاهن جا رستا، اهي سڀئي ڄڻ تہ ڪنڊيدار جهاڙيون آهن، اسان زِندگي جي هن سَفَر ۾ پنهنجي پاڪيزه رُوح کي، پنهنجي دِل کي انهن ڪنڊيدار جهاڙين (يعني گُنَاهن) کان بچائيندي گذري وڃڻو آهي، بَس انهيءَ شيءِ جو نالو تقويٰ آهي.

## حضرت بايزيد بسطامي رحمۃ اللہ علیہ جي تقويٰ

حضرت بايزيد بسطامي رحمۃ اللہ علیہ هڪ ڀيري سَفر تي هئا، راهہ ۾ هڪ جڳهہ تي قيام ڪيائون، مريد بہ گڏ هئا، حضرت با يزيد بسطامي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي قميض مبارڪ ڌوتي، مريدن عرض ڪيو: سائين! هي قميض سامهون واري ڀِت تي رکي سُڪايون تہ جيئن جلدي سڪي وڃي. فرمايائون: نہ! اها جنهن جي ڀِت آهي اسان ان کان اجازت ناهي ورتي. مُرِيدن عرض ڪيو: پوءِ هن کي وڻ جي ٽاري تي لٽڪائي ڇڏيون؟ ارشاد فرمايائون: وڻ جي ٽاري تي پکي ويهندا آهن، اسان پکين کان انهن جي ويهڻ جي جاءِ ڇُٽا ڪسي سگهون. مُريدن عرض ڪيو: سائين! پوءِ ڀلا هن قميض مبارڪ کي اسان گاهہ تي سڪايون ٿا؟ ارشاد فرمايائون: نہ! گاهہ جانورن جو کاڌو آهي، اسان انهن جو کاڌو اِنهن کان کسي نٿا سگهون. نيٺ حضرت بايزيد بسطامي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي قميض مبارڪ کي پنهنجي پُٺي تي رکي پنهنجي پُٺ سج ڏانهن ڪري ڇڏي ايستائين جو قميض مبارڪ سُڪي وئي. (رسالہ قشیریہ، تقویٰ کا بیان، صفحہ:221)

سُبحٰنَ اللّٰہ! اها آهي تقويٰ...!! اسان هن دُنيا ۾ جيڪو بہ ڪم ڪريون نهايت سنڀلجي، سوچي سمجهي، وڏي احتياط سان ڪريون تہ جيئن ڪٿان ڪان بہ گُنَاهہ يا حق تلفي وغيره ۾ نہ پئجي وڃون، جهڙي طرح اسان پنهنجي پسند جا نوان ۽ قيمتي ڪپڙا پاتا هجن، برسات اچي وڃي، رستو ڪچو هجي، رستي ۾ گپ هجي تہ اسان اتان ڪان سنڀلجي سنڀلجي وڏي احتياط سان پير رکندا آهيون، ڪپڙا مٿي ڪندا آهيون تہ ڪٿي پير نہ ترڪي پوي، ڪپڙن تي گپ نہ لڳي وڃي، اهڙي طرح زِندگي جي سَفر ۾ هر ڪم سنڀلجي، وڏي سوچ ويچار سان ڪرڻا آهن، اسان جيڪي بہ ڪم ڪيون، ان ڪان پهريان خوب سوچيو وڃي تہ ڪٿي ان ڪم ۾ گُنَاهن جا پهلو تہ نہ آهن؟ دُڪان کولڻو آهي، ڪاروبار هلائڻو آهي، نوڪري ڪرڻي آهي، شادِي ڪرڻي آهي، سَفَر تي وڃڻو آهي، ڪجهہ خريد ڪرڻو آهي، وڪڻڻو آهي، مطلب جيڪي بہ ڪم ڪرڻا آهن، تمام احتياط سان سوچي سمجهي، شرعي رهنمائي وٺي ڪرڻا آهن تہ جيئن اسان گُنَاهن ڪان پُوري طرح بچي سگهون.

## تقويٰ ڪيئن ملي؟

**اي عاشقان رسول!** رهي اها ڳالهہ تہ اسان کي تقويٰ ڪيئن حاصل ٿيندي؟ هن جي لاءِ عرض آهي تہ تقويٰ جي اَصل آهي: گُنَاهن ڪان بچڻ. ۽ گُنَاهن ڪان بچڻ جي لاءِ ٻن شين جي ضرورت ٿيندي آهي: **نمبر1:** گُنَاهن جي معلومات. **نمبر2:** دِل ۾ گُنَاهن ڪان نفرت.

جيڪڏهن انسان کي گناهن جي معلومات ئي نہ هجي تہ ظاهر آهي اهو شخص گناهن ڪان بچي نہ سگهندو. ۽ جيڪڏهن گُنَاهن جي معلومات تہ هجي پر دِل ۾ گُنَاهن ڪان نفرت نہ هجي، تڏهن بہ گُنَاهن ڪان بچڻ، نهايت دُشوار آهي.

هاڻي سُوال اهو آهي تہ اهي ٻئي شيون ڪيئن حاصل ٿينديون؟ ان جي لاءِ عرض اهو آهي تہ گناهن جي معلومات تہ اڄڪلهہ تمام آساني سان حاصل ڪري

سگھجي ٿي، مثال طور ❖ هر هفتي، شيخ طريقت امير اهلسنت، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري، ضيائي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، هن ۾ سڄي دُنيا کان عاشقان رسول پاڻ دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه کان مختلف موضوعن تي سُوال پڇندا آهن ۽ پاڻ پنهنجي عِلم ۽ تجربي جي روشني ۾ انهن جا جواب ارشاد فرمائيندا آهن ۽ باريڪ علمي نڪتا بيان ڪندا آهن. ايئن سمجهو تہ "مدني مذاڪرو" عِلمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ weekly هڪ ڪلاس آهي ۽ اها ڪلاس دورِ حاضِر جي عظيم علمي ۽ رُوحاني شخصيت، شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه پڙهائيندا آهن. لهٰذا پابندي سان مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي عادت بڻايو، ڊائري، قلم وغيره پاڻ سان گڏ رکو، شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جيڪي مدني گل ارشاد فرمائن، لکي پاڻ وٽ محفوظ ڪريو، اهڙي طرح آهستہ آهستہ انشاء الله گناهن بابت تمام گهڻي معلومات گڏ ٿي ويندي. ❖ اهڙي طرح مڪتبة المدينہ جا ڪيئي ڪتاب آهن، مثال طور "*جهنم ميں لے جانے والے اعمال*" ٻن جلدن تي مشتمل ڪتاب آهي، "*گناهوں کے عذابات*" مختصر پر جامع ڪتاب آهي، هن ۾ 52 گناهن جو ذڪر آهي ۽ هن ۾ هر گُناهہ جي وصف، ان جي باري ۾ قرآني آيت ۽ حديث، ان گُناهہ جو حڪم، اُن گناهہ ۾ پوڻ جا سبب ۽ بچڻ جا طريقا پڻ لکيل آهن. اهڙي طرح مڪتبة المدينہ جا ٻيا ڪتاب مثال طور ❖ 76 ڪبيره گُناهہ ❖ *گناهوں کی نحوست* ❖ *نیکیوں کی جزائیں گناهوں کی سزائیں* ❖ **مڪاشفة القلوب** وغيره، اهي ڪتاب مڪتبة المدينہ تان حاصِل ڪيا وڃن يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ *www.dawateislami.net* تان ڊاؤنلوڊ ڪيا وڃن ۽ هدف مقرر ڪري انهن جو مطالعو ڪيو وڃي.

گُناهن جي معلومات جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ دار الافتاء اهلسنت جو نمبر پاڻ وٽ محفوظ ڪري ونو، جڏهن بہ ڪو اَهم ڪم ڪرڻ لڳو، ڪنهن مُعَاملي ۾ گُناهہ هئڻ جو شڪ ٿئي يا ڪنهن غير شرعي ڪم ۾ پوڻ جو انديشو هجي تہ دار الافتاء اهلسنت کان يا ڪنهن بہ عاشقِ رسول مفتي صاحب کان

رابطو ڪيو وڃي. الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ دارالافتاء اهلسنت موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، پنهنجي اسمارٽ فون تي اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو، وقت بوقت هن ۾ ڏنل فتوائن جو مطالعو ڪندا رهو، اِن شَآءَالله! گهڻو عِلمِ دين سکڻ لاءِ ملندو ۽ گڏوگڏ گُنَاهن جي معلومات به حاصِل ٿي ويندي.

باقي رهي ”دِل ۾ گُنَاهه جي نفرت“ اها ڪيئن ملندي؟ ان جي لاءِ امام غزالي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه هڪ زبردست نسخو ارشاد فرمايو آهي، پاڻ رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تقويٰ حاصِل ڪرڻ جي صُورت اها آهي ته پنج عضوئن جي خصوصيت سان نگراني ڪئي وڃي. اهي پنج عضوا هي آهن:

(1): اک (2): ڪن (3): زبان (4): پيٽ ۽ (5): دِل (منهاج العابدين، صفحه:162)

يعني اک کي گُنَاهن مثلاً فلمن ڊرامن وغيره کان بچايو وڃي، ڪنن کي گُنَاهن کان مثلاً گانا ٻڌڻ، غيبت ٻڌڻ، فحش ڳالهين وغيره ٻڌڻ کان بچايو وڃي، زبان کي غيبت، چغلي، ڪوڙ وغيره کان بچائجي، پيٽ ۾ حرام گرهه نه وڃڻ ڏيو، اهڙي طرح دِل کي حَسَد، تڪبر، خود پسندي، رياڪاري وغيره کان بچائي رکو ته اِن شَآءَ الله! آهسته آهسته دِل صاف ٿيندي، دِل جي مير لهندي ۽ دِل ۾ گُنَاهن کان نفرت پيدا ٿي ويندي.

جيڪڏهن اسان اهي به ڪم ڪري وٺون، گُنَاهن جي باري ۾ معلومات حاصِل ڪندا رهون، پنهنجي عضوئن کي گُنَاهن کان بچائي دِل ۾ گُنَاهن کان نفرت پيدا ڪرڻ ۾ به ڪامياب ٿي وڃون ته اِن شَآءَ الله! اسان کي تقويٰ جي دولت نصيب ٿي ويندي.

ہو اخلاق اچھا، ہو کردار ستھرا مجھے متقی تو بنا یاالٰہی! (1)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:104۔

## ٻي پسنديده صفت: غِنَا

الله پاڪ جي محبوب ٻانهي جي ٻي وَصف جيڪا پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بيان فرمائي، اهو غِنا آهي. اِنَّ اللّٰہ یحِبُّ العَبدَ التَّقِی الغَنِی بيشڪ الله پاڪ تقويٰ واري، غَنِي ٻانهي کان محبت فرمائي ٿو.

**لفظ:** غَنِي جي معنيٰ آهي: بي نيازي ۽ اها الله پاڪ جي صِفَّت آهي. قرآنِ ڪريم ۾ آهي:

يٰۤاَیُّهَا النَّاسُ اَنۡتُمُ الۡفُقَرَآءُ اِلَی اللّٰهِ ۚ وَاللّٰهُ هُوَ الۡغَنِیُّ الۡحَمِیۡدُ ﴿۱۵﴾

(پاره22،سورة فاطر:15)

ترجمو ڪنزالايمان: اي انسانو توهان سمورا الله جا محتاج آهيو ۽ الله ئي بي نياز آهي سمورين خوبين ساراهيل آهي.

معلوم ٿيو تہ اسان سڀ جا سڀ الله پاڪ جا محتاج آهيون ۽ الله پاڪ غني ۽ بي نياز آهي. تنهنڪري اها صِفَّتِ غنا يعني مڪمل طور تي بي نيازي اِنسَان کي ملڻ ناممڪن آهي.

البتہ اها غِنا جيڪا ٻانهي جي صِفَّت آهي، اها اَصل ۾ غِنَا نہ آهي بلڪ فقر آهي. امام غزالي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فَقر جا 6 درجات بيان ڪيا آهن، ان ۾ فقر جو جيڪو سڀ کان اعليٰ درجو آهي، ان کي غِنَا چيو ويندو آهي ۽ ان جو مطلب اهو آهي تہ ٻانهو دُنيا جي هر شيء کان، مال ۽ دولت وغيره کان بي نياز ٿي وڃي. لهٰذا اهو ٻانهو جنهن جي ويجهو مال ۽ دولت جي ڪا حيثيت نہ هجي، مال ۽ دولت ملڻ يا نہ ملڻ ان جي ويجهو برابر هجي، اهڙي شخص کي غني چوندا آهن. (احياءُ العلوم (مترجم)، جلد:4، صفحہ:564، خلاصةً)

حُبِّ دُنیا سے تُو بچا یارَبّ! | عاشقِ مصطفیٰ بنا یارَبّ!
حرصِ دُنیا نکال دے دِل سے | بَس رہوں طالِبِ رضا یارَبّ! (1)

1...وسائل بخشش، صفحہ:79-81۔

منقول آهي: الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام کان سندن حَوَّارين (يعني ساٿين) پڇا ڪئي: اي رُوحُ الله عَلَيهِ السَّلام! ڇا سبب آهي جو اوهان پاڻي تي ايئن هلو ٿا جيئن اسان زمين تي هلون ٿا پر اسان ۾ اهڙي طاقت ناهي؟ حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام حَوَّارين کي فرمايو: دِرهم ۽ دِينار (يعني سون ۽ چاندي) جي باري ۾ توهان جي راءِ ڇا آهي؟ حَوّارين عرض ڪيو: تمام قيمتي شيون آهن. ارشاد فرمايائون: ڪنڪرن، پٿرن جي باري ۾ ڇا چئو ٿا؟ عرض ڪيائون: ڪنڪر ۽ پٿر بي قيمت شيون آهن. حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلام جن فرمايو: جڏهن توهان وٽ اهي ٻئي شيون برابر ٿي وينديون ته توهان ۾ به پاڻي تي هلڻ جي طاقت اچي ويندي.

سُبحٰنَ الله! اهو آهي اَصل غِنا ۽ هي اها وَصف آهي جو جنهن شخص ۾ اها وَصف موجود هجي الله پاڪ ان شخص کان محبت فرمائي ٿو.

هاڻي اهو غِنا اسان کي ڪيئن حاصِل ٿئي؟ هن جو هڪ طريقو ته اهو آهي ته ٻانهو الله پاڪ جي خالق ۽ رازِق ۽ مالِڪ هئڻ تي دِل سان مطمئن ٿي وڃي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو سڀ کان وڏو غني ٿيڻ چاهي ٿو، ان کي گهرجي ته پاڻ وٽ موجود مال ۽ اسباب جي بدران الله پاڪ جي خزانهءِ قُدرت تي وڌيڪ ڀروسو رکي.

معلوم ٿيو جيڪڏهن اسان الله پاڪ جي خزانهءِ قُدرت تي ڪامِل ڀروسو رکون ته اِن شَآءَ الله! اسان کي غِنَا جي دولت نصيب ٿي ويندي. اسان وٽ مال آهي ته به اُن تي ڀروسو نه هجي بلڪ الله پاڪ تي ڀروسو هجي، مال جو ڪهڙو ڀروسو، اهو اڄ آهي، ٿي سگهي ٿو سڀاڻي نه هجي. ❖ اهڙي طرح غربت اچي وئي، ڪا ڳالهه ناهي، الله مالِڪ آهي ❖ ڪاروبار ختم، ڪا ڳالهه ناهي، الله مالِڪ آهي ❖ گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه نه آهي، ٻار بکايل آهن، ڪا ڳالهه ناهي الله مالِڪ آهي ❖ پريشاني اچي وئي، الله مالِڪ آهي، ❖ مشڪل اچي وئي، الله مالِڪ آهي، ❖ نوڪري ناهي مِلي رهي، الله مالِڪ آهي. اهڙي طرح ٻانهي جا

حالات کھڙا ٻہ ھجن، ان جو ذِھن اھو ٺھيل ھجي تہ اللہ پاڪ مالِڪ آھي، اللہ پاڪ منھنجو خالِق آھي، اللہ پاڪ رِزق عطا ڪرڻ وارو آھي، جڏھن اھو پختہ ذِھن بڻجي ويندو تہ اِن شَآءَ اللہ! اسان جي دِل ۾ دُنيا کان، دُنياوي مال ۽ دولت کان، دُنيا دارن کان غِنَا يعني بي نيازي جي صِفَّت پيدا ٿي ويندي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٽئين پسنديده صفت: خِفاء (يعني گمنامي)

اللہ پاڪ جي محبوب ۽ پسنديده ٻانھي جي ٽين وَصف جيڪا حديثِ پاڪ ۾ بيان ٿي، اھا آھي: خِفاء يعني گمنامي. يعني اھو شخص جيڪو ماڻھن ۾ پنھنجي شھرت نٿو چاھي، ھر نيڪي لڪي ڪري ٿو، پاڻ گمنام رھي ٿو، اھڙو شخص ٻہ اللہ پاڪ جو محبوب ۽ پسنديده آھي.

ھڪ حديثِ پاڪ ۾ اللہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مومن ٻانھي جون ڇھ وصفون بيان ڪيون ۽ فرمايائون: اِنَّ اَغْبَطَ اَوْلِيَائِیْ منھنجو قابِل رَشڪ دوست اھو آھي (جنھن ۾ 6 وصفون موجود ھجن) پوءِ انھن ڇھن وصفن مان ھڪ اھا بيان ڪئي: اھو ماڻھن ۾ لڪيل ھجي، ماڻھو ان ڏانھن آڱرين سان اشارا نہ ڪن. (ترمذی، کتابُ: الزُّہد، صفحہ:561، حدیث:2347)

انھيءَ مفھوم جي ھڪ حديثِ پاڪ تحت حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْہ فرمائن ٿا: يعني دُنياوي ڪمالات، دولت، صحت، طاقت ۾، اھڙي طرح ديني ڪمالات مثال طور عِلم، عِبَادت، رياضت ۾ ان جي شھرت نہ ھجي، ڇوتہ عوام جي لاءِ شھرت خطرناڪ ئي آھي، ھن سان عام طور تي دِل ۾ غرور، تڪبر پيدا ٿي ويندو آھي، اھڙي شھرت کان گمنامي چڱي آھي، ھا! بعض ٻانھا اھڙا پڻ آھن جيڪي شھرت سان متڪبر ناھن ٿيندا، اھي سمجھندا آھن تہ نيڪ نامي ۽ بدنامي اللہ پاڪ جي قبضي ۾ آھي، ماڻھن جو ڪو اعتبار ناھي، انھن ڪي زِنده باد ۽ مرده باد جا نعرا لڳائڻ ۾ دير ناھي ٿيندي. (مرآۃ المناجیح،

جلد:7، صفحہ:136)

**سُبحٰنَ الله! اي عاشقان رسول! بيان ڪيل حديثِ پاڪ مان گمنامي پسند ڪرڻ واري شخص جي شان جو اندازو ڪريو! اسان جي آقا ۽ مولىٰ، مدني مصطفىٰ** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ان ڪري فرمايو:** اِنَّ اَغْبَطَ اَوْلِيَائِيْ **منهنجو قابِل رَشڪ دوست.**

اللہ کا محبوب بنے جو تمہیں چاہے | اس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو[1]

**جنهن جي دِل ۾ مدني آقا، محبوب خدا** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي محبت سمائجي وڃي، اهو الله پاڪ جو محبوب بڻجي ويندو آهي تہ جن کي حُضور، جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **پنهنجو دوست فرمائن بلڪ دوست بہ نہ اَغبَطَ اَولِيائِي سڀ کان قابِلِ رَشڪ دوست چوَن، ان جي شان ۽ عظمت جي ڇا ڳالهہ ڪجي؟ ۽ ڏسو! سردارِ انبياء، محبوب خدا** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو سڀ کان قابِلِ رَشڪ دوست ڪير آهي؟ اهو جيڪو گمنامي کي پسند ڪري ٿو.**

**هاڻي هڪ پاسي تہ پياري آقا، محبوبِ خُدا** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو اهو فرمان آهي ۽ ٻي پاسي اسان پنهنجي حالت بہ ڏسون، افسوس! اَفسَوس...!! اڄڪلهہ سستي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ جڻ تہ رَيس لڳل آهي، ڇا شهري، ڇا ڳوٺاڻو، ڇا ننڍو، ڇا وڏو، هڪ تعداد آهي جيڪو سني کان سني سيلفي ٺاهي سوشل ميڊيا جي ذريعي شهرت حاصِل ڪرڻ ۾ رُڌل آهي، ڪي تہ فُضُول ۽ ڪي گُناهن ڀري ويڊيوز ٺاهي پاڻ کي مشهور ڪرڻ جي چڪر ۾ آهن، افسوس! اسان ڪپڙا خريد ڪيون تہ اهو ذهن رکي تہ اهڙا ڪپڙا هجن تہ جيڪو ڏسي بَس واهہ واهہ ئي ڪندو رهي، خوشبو خريد ڪيون تہ اهڙي جو بَس لڳائي جتان کان هڪ ڀيرو گذرون تہ اهي فضائون مهڪجي اُٿن، افسوس! اسان پيرن ۾ پائڻ لاءِ جوتا پسند ڪرڻ ۾ بہ ان ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ لڳائيندا آهيون جو اهڙو جوتو هجي جو جيڪو ڏسي بس حيرت ئي ڪندو رهي. شادِي جو موقعو هجي تہ**

---

1...ذوقِ نعت، صفحہ:206۔

ڏيکاءُ عيد ڏھاڙو ھجي تہ ڏيکاءُ. ڪاش...!! شھرت طلبي جھڙي ھلاڪت ۾ وجھڻ واري باطني بيماري ڪان جان ڇٽي وڃي، ڪاش! اسان اللہ پاڪ جي رِضا ماڻڻ وارا بڻجي وڃون، ڪاش! زِندگي رضاءِ الٰھي وارن ڪمن ۾ گذارڻ وارا بڻجي وڃون. حديثِ پاڪ ۾ آھي: ٻہ بکايل بگھڙ ٻڪرين جي ڌڻ ۾ جيتري تباھي مچائن ٿا، مال ۽ شُھرت جي محبت ان ڪان وڌيڪ تباھي انسان جي دين ۾ مچائيندي آھي.

بھائیو!ہر دم بچو تم حُبِّ جاہ و مال سے ہر گھڑی چوکس رہو شیطان کی اِس چال سے
دل میں یہ خواہش نہ رکھنا سب کریں میرا اَدب ڈر کہیں ناراض ہو جائے نہ تجھ سے تیرا رب
قلب میں خوفِ خدا رکھ کر تُو سارے کام کر کامیابی ہو گی تیری اِنْ شاءَ اللہ ہر ڈَگر(1)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! ھن ھنڌ ھڪ ٻيو اَھم نڪتو آھي، اھو ھي تہ اھا حديثِ پاڪ جنھن جي اسان وَضاحت ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪري رھيا آھيون، ھن حديثِ پاڪ ۾ ارشاد فرمايو ويو تہ اللہ پاڪ گمنامي پسند ڪرڻ واري شخص سان محبت فرمائي ٿو، ھاڻي ھڪ ٻي حديثِ پاڪ ٻڌو! حضرت ابو ھريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪان روايت آھي، اللہ پاڪ جي پياري نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: بيشڪ جڏھن اللہ پاڪ پنھنجي ڪنھن ٻانھي سان محبت ڪندو آھي تہ جبريل امين عَلَيْہِ السَّلَام کي فرمائيندو آھي: اي جبريل! مان فلاڻي ٻانھي سان محبت ڪيان ٿو، تون بہ ھن سان محبت ڪر. پوءِ حضرت جبريل عَلَيْہِ السَّلَام بہ ان سان محبت ڪرڻ لڳندو آھي، پوءِ آسمان ۾ اھو اِعلان ڪرايو ويندو آھي تہ بيشڪ اللہ پاڪ فلاڻي ٻانھي سان محبت ڪري ٿو، اي ملائڪو! توھان سڀ بہ ھن سان محبت ڪيو...!! پوءِ آسمان جا سمورا ملائڪ بہ ان ٻانھي سان محبت ڪرڻ لڳندا آھن. (بخاری، کتاب: بَدْءُ الخلق، باب: ذِکْرِ ملائکہ، صفحہ:824، حدیث:3209) ۽ ترمذي شريف جي

1...وسائل بخشش، صفحہ:698ملتقطًا۔

روايت ۾ آهي: پوءِ زمين وارن جي دِل ۾ اُن ٻانهي جي محبت لازِم ڪئي
**ويندي آهي.** (ترمذي، كتاب: تفسير القرآن، باب: سورة مريَم، صفحه:730، حديث:3161)

سُبحٰنَ الله! **اي عاشقان رسول!** غور فرمايو! هڪ حديثِ پاڪ ۾ ارشاد ٿيو: جيڪو گمنامي کي پسند ڪري الله پاڪ ان سان محبت فرمائي ٿو، ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: **الله پاڪ جنهن ٻانهي سان محبت فرمائي ٿو، ان ٻانهي جي محبت زمين وارن جي دِلين ۾ لازِم ڪئي ويندي آهي ۽ ملائڪ به ان سان محبت ڪن ٿا.** معلوم ٿيو اَلله پاڪ گمنامي کي پسند ڪرڻ واري سان محبت فرمائي ٿو پر پنهنجي محبوب ٻانهي کي گمنام رهڻ ناهي ڏيندو.

ڏسو! حضرت اُوَيس قرني رَضِیَ اللهُ عَنْه گمنامي اختيار ڪئي ته مڪي آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مديني پاڪ ۾ صحابي سڳورن ۽ خلفاءِ راشدين جي سامهون حضرت اُوَيس قرني رَضِیَ اللهُ عَنْه جي شان ۽ عظمت بيان فرمائي، حُضُور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گمنامي پسند ڪندا هئا، الله پاڪ سندن عزت و شهرت کي اهڙي هميشگي عطا فرمائي جو اڄ صديون گذرڻ ڪان پوءِ به غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو نالو زبان تي اچي ته اَدَب سان ڪنڌ جهڪي ويندا آهن، داتا حُضُور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شهرت طلبي کان پاڪ هئا، سندن دربار شريف تي اڄ به ماڻهن جو هجوم رهندو آهي، سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي گهر رهي قلم جي ذريعي دِين جي خدمت ڪئي، شهرت طلبي کان گهڻو پري رهيا، الله پاڪ مَسلڪ رضا کي سڄي دُنيا ۾ عام ڪري ڇڏيو. معلوم ٿيو ته جيڪو ٻانهو شهرت طلب ڪري، دُنيا جي عارضي، فاني ڪوڙي شهرت جي پويان پڄندو وتي، ان کي جيڪر شهرت ملي به وڃي ته عارِضِي ملندي آهي، پوءِ آخرڪار هڪ نه هڪ ڏينهن هو قبر ۾ لهي ويندو آهي ۽ گڏوگڏ ان جي شهرت به ختم ٿي ويندي آهي پر جيڪي شهرت جا طلب گار نه هجن بلڪ صِرف پنهنجي مالِڪ ۽ موليٰ جي، پنهنجي پاڪ پروردگار جي رِضا چاهيندا هجن، اهي چاهي بظاهر دُنيا کان پردو ڪري وڃن پر انهن جي شهرت، اُنهن جي عزّت، اُنهن جي محبت دلين ۾ اڳ

جيان برقرار رهندي آهي. صُوفي سڳورا فرمائن ٿا: مَنْ طَلَبَ الْمَوْلٰی فَلَهُ الْكُلُّ جيڪو پنهنجي مالِڪ جي رِضا چاهي ٿو، الله پاڪ ان کي سڀ ڪجهه عطا فرمائيندو آهي.

پر هن هنڌ هڪ باريڪ شيطاني چال کان بچڻ به گهڻو ضروري آهي، امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بعض اوقات شيطان مخلص دوست بڻجي وسوسو وجهندو آهي، هو چوندو آهي: اي شخص! تون لڪي نيڪ عمل ڪر، الله پاڪ خود ئي تنهنجا عمل ماڻهن ۾ مشهور ڪندو. امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اها به شيطان جي ڳجهي چال آهي، هيئن چئي شيطان ٻانهي کي رِيا ڪاري (ڏيکاء) ۾ مبتلا ڪندو آهي، جنهن کي اهي وسوسا اچن، ان کي گهرجي ته هنن وسوسن کي اهو چئي ناڪام بڻائي ته مان شهرت جو طلب گار نه آهيان، مان نه ئي چاهيان ته منهنجون نيڪيون عوام ۾ مشهور ٿين، مان ته بَس الله پاڪ جي رِضا چاهيان ٿو، هو منهنجن عملن کي ظاهر ڪري يا نه ڪري، هي ان جي مرضِي آهي. (منهاج العابدين، صفحه: 136)

پيارا اسلامي ڀائرو! بهرحال! اڄ جي سڄي بيان جو خلاصو اهو آهي ته بيشڪ الله پاڪ تقويٰ واري، غني يعني دُنيا، دُنياوي مال ودولت کان بي نياز رهندڙ ۽ گمنامي جي خواهش رکندڙ ٻانهي سان محبت فرمائي ٿو. الله پاڪ اسان کي به اهي ٽئي اعليٰ وصفون نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاه النَّبِي الاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

قلب میں یاد تیری بسی ہو ذِکْر لب پر ترا ہر گھڑی ہو
مستی و بےخودی اور فنا کی میرے مولیٰ تو خیرات دے دے
نفس نے لذّتوں میں پھنسایا مجھ پہ لطف و کرم ہو خدایا
دِل سے چاہت مٹا ماسِوا کی میرے مولیٰ تو خیرات دے دے
کرنا رَحمت خُدا مجھ پہ اپنی رکھ عنایت سدا مجھ پہ اپنی
دائمی اور حتمی رضا کی میرے مولیٰ تُو خیرات دے دے

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدرسة المدينہ بالغان

پيارا اسلامي ڀائرو! تقويٰ ماڻڻ، دُنيا جي محبت دِل مان ڪڍڻ ۽ الله پاڪ جي رضا وارن ڪمن ۾ مَصرُوف رهڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصو وٺو! اِن شَآءَ الله! دِل ۾ الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت جي شمع روشن ٿيندي، زِندگي ۾ نيڪين جي بهار ايندي ۽ فضوليات کان بچڻ، الله پاڪ جي رضا وارا ڪم ڪرڻ جا ڪثرت سان موقعا نصيب ٿيندا. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: مدرسة المدينہ بالغان. الحمد لله! دعوتِ اسلامي تحت ملڪ ۽ ٻاهرين مُلڪ سوين مدارسُ المدينہ بالغان لڳن ٿا، جن ۾ وڏي عُمر جي اسلامي ڀائرن کي دُرُست تجويد ۽ مخارج سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ ۽ مختلف سنتون ۽ آداب سيکاريا ويندا آهن. اوهان بہ مدرسة المدينہ بالغان ۾ جيڪڏهن پڙهائڻ جي اهليت رکو ٿا تہ پڙهائڻ جي، نہ تہ پڙهڻ جي نيت ڪري وٺو.

## فيشن پرست جي زِندگي ۾ بهار اچي وئي

حيدر آباد جي علائقي آفندي ٽاؤن جي رهواسي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مان هڪ فيشن پرست نوجوان هئس، دُنيا جي موج مستي ۾ گم، پنهنجي آخرت جي انجام کان غافِل زِندگي جا ڏينهن گذاري رهيو هئس، پوءِ گُناهن ڀري زِندگي ۾ بهار هيئن آئي جو مون کي مدرسة المدينہ بالغان ۾ داخلي جي سَعَادت ملي، بَس پوءِ منهنجي خوش بختي جي سفر جو آغاز ٿي ويو، مدرسة المدينہ بالغان جي برڪتن منهنجي تاريڪ دِل کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان روشن ڪري ڇڏيو، ان ۾ مون کي قرآنِ پاڪ جي تعليم سان گڏوگڏ سُنتن تي عمل جو جذبو پڻ مليو ۽ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي سَعَادت بہ نصيب ٿي. الحمد لله! مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ جي برڪت سان منهنجي زِندگي ۾ بهار اچي وئي، فيشن پرستي، موج مستي کان نجات پڻ

ملي وئي.

ترا شکر مولیٰ دیا مدنی ماحول نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول
پلا کر مئے عشق دے گا بنا یہ تمہیں عاشقِ مصطفےٰ مدنی ماحول (1)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاھ نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٽي پيرا فرمايو: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي رَحمت ٿئي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟ فرمايو: منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا. (جامع بيانِ عِلم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حديث:220)

سُنّت کے مطابق میں ہر اِک کام کروں کاش! تُو پیکرِ سُنَّت مجھے اللہ بنا دے (2)

## عمامو شريف پائڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ: (1): عمامو ٻڌو! توهان جو حِلم وڌندو. (مستدرک، کتاب:اللباس، جلد:5، صفحہ:272، حديث:7488) (2): عمامي سان ٻہ 2 رڪعتون بغير عمامي جي 70 رڪعتن کان اَفضَل آهن. (فردوس الاخبار،جلد:2، صفحہ:265، حديث:3233)

اي عاشقانِ رسول! عمامو شريف ٻڌڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي. ❖ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هميشہ سرِ اقدس تي ٽوپي مبارڪ تي عمامو سجائي رکيو ❖ سفر ۽ حضر ۾ بہ سرِ اقدس تي عمامو شريف هوندو هو ❖ پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ عمامي ۾ شملو ڇڏيندا هئا جيڪو ڪڏهن ڪلهي تي، ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ هوندو هو ❖ رحمت عالم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ

1...وسائل بخشش، صفحہ:647-648۔

2...وسائل بخشش، صفحہ:118۔

وَسَلَّمَ مختلف موقعن تي مختلف رنگن جو عمامو شريف استعمال فرمائيندا هئا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان اڇو، ڪارو، سائو، زَعفراني، حرقاني، ڦڪو، ڌاري دار ڳاڙهي رنگ جو عمامو ٻڌڻ ثابت آهي.

عمامو ٻڌڻ جي فضيلتن ۽ ان باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "عمامہ کے فضائل" جو مطالعو ڪريو! الله پاڪ اسان کي بہ سُنّت جي نيت سان هميشہ مٿي تي عِمامي جو تاج سجائي رکڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاه النَّبِي الاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

شان کیا پیارے عمامے کی بیاں ہو یا نبی! تیری نعلِ پاک کا ہر ذرّہ رشکِ طور ہے
ہوں غلامِ مصطفٰے عطار کا دعویٰ ہے یہی کاش! آقا بھی یہ فرما دیں ہمیں منظور ہے[1]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...وسائل بخشش، صفحہ:485بتغير قليل۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

### ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

### ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[2]

### ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

### ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرکارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305